# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1987

# SINDHACT NO.VI OF 1987

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1987

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1987

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 121 جي ترميم

Amendment of Section 121 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڪجهہ قدمن ۽ حڪمن جي توثيق

Validation of certain actions and orders

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance III of 1987

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1987

# SINDHACT NO.VI OF 1987

## سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1987

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1987

[3 جون 1987]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي دفعه 121 ۾، ذيلي دفعه (5) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعه

**دفعہ 121 جي ترميم**

**Amendment of Section 121 of Sindh Ordinance XII of 1979**

شامل ڪيو ويندو:

“5_A. جتي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ ميمبر بورڊ جا چيئرمين ۽ ميمبر نہ ٿا رهن، حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪو شخص يا ڪا اختياري چيئرمين ۽ ميمبرز جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي.”

**ڪجهہ قدمن ۽ حڪمن جي توثيق**

**Validation of certain actions and orders**

3. دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (2) تحت مقرر ڪيل شخص طرفان سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس جي باب XVI تحت ڪنيل ڪو قدم يا جاري ڪيل ڪو حڪم، جيڪو 15 فيبروري 1987 کان شروع ٿيندڙ عرصي دوران هوندو ۽ جيستائين ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 121 جي ذيلي دفعہ (5_A) تحت ڪنهن کي چيئرمين مقرر ڪيو وڃي، تہ مقرر ڪيل شخص جي ان قدم کي ڪارگر سمجهيو ويندو.

**1987 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي**

**Repeal of Sindh Ordinance III of 1987**

4. سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**